# قرآن

## ڪتابِ هدايت آهي

08-June-2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# قرآن ڪتابِ هدايت آهي

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

صاحِبِ قرآنِ مُبين، مَحبوبِ ربُّ العٰلَمِين، جنابِ صادِق وامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ دلنشين آهي: جنهن قرآنِ پاڪ پڑهيو، ربّ تعاليٰ جي حمد ڪئي، نبي(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرود شريف پڑهيو ۽ پنهنجي ربّ عَزَّ وَجَلَّ کان مغفرت طلب ڪئي ان ڀلائي کي ان جي جڳهہ تان ڳولهي ورتو.

(شعب الايمان،باب في تعظيم القرآن،فصل في استحباب ...الخ،۲/ ۳۷۳ ،حديث:۲۰۸۴)

کرکے تمہارے گناہ مانگیں تمہاری پناہ تم کہو دامن میں آ تم پہ کروروں درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل:(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله ، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## لهوولعب ۾ مشغول شخص جي توبهہ

حضرت ابوهاشم صوفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مون بصره وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ هڪ ڪشتي ٻيڙيءَ (Boat) ۾ سوار ٿيڻ جي لاءِ اڳتي وڌيس. ان ٻيڙيءَ ۾ هڪ مرد هو جنهن سان گڏ ان جي ٻانهي به هئي. ان مرد مون کي

چيو: "ٻيڙيءَ ۾ جڳهه نہ آهي." ٻانهيءَ ان کي منهنجي سفارش ڪئي تہ ان مون کي بہ ڪشتي ۾ سوار ڪري ورتو. جڏهن اسان ڪجهه اڳتي وڌياسين تہ مرد ڪاڏو گهرايو ۽ پنهنجي اڳيان رکيائين، ٻانهيءَ ان کي چيو: "هن مسڪين کي بہ پاڻ سان گڏ کائڻ ۾ شريڪ ڪري ونو. پوءِ ان مون کي بہ کائڻ ۾ شريڪ ڪري ورتو. جڏهن اسان ڪاڏو کائي ورتو تہ هن ٻانهيءَ کي چيو: شراب آڻ. "جڏهن هوءَ شراب کڻي آئي تہ هو ان کي پيئڻ لڳو. ان ٻانهيءَ کي مون کي بہ شراب پيئارڻ جو چيو تي مون منع ڪري ڇڏيو. جڏهن هو شخص نشي ۾ مست ٿي ويو تہ ان ٻانهيءَ کي چيو: "پنهنجو ساز کڻي اچ. "ٻانهيءَ ساز سنڀاليو ۽ ڳانو ڳائڻ لڳي. پوءِ هو شخص مون ڏانهن متوجہ ٿيو ۽ چيائين: "ڇا تو وٽ هن (ڳائڻ) جهڙو ڪجهه آهي ؟ "مون جواب ڏنو: "ها! مون وٽ اهو آهي جيڪو هن کان گهڻو سنو ۽ بهتر آهي. "ان چيو: "ٻڌاءِ. "مون اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ پڙهڻ کان پوءِ (سيپاري 30 سُوْرَةُ التَّكوِير جون پهريون ٽي) مبارڪ آيتون تلاوت ڪيون،

اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ۝١ وَ اِذَا النُّجُوْمُ انْكَدَرَتْ ۝٢ وَ اِذَا الْجِبَالُ سُيِّرَتْ ۝٣

(پ٣٠،التكوير:١تا٣)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** جڏهن اس ويڙهي وڃي ۽ جڏهن تارا ڪري پون ۽ جڏهن جبل هلايا وڃن.

هن آيتن کي ٻڌي هو شخص روئڻ لڳو جڏهن مان الله تعاليٰ جي هن فرمان تي پهتس: وَ اِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ ۝١٠ (**ترجَمو ڪنز الايمان:** ۽ جڏهن عمل ناما کوليا وڃن.) (پ٣٠،التكوير: ١٠) تہ هو چوڻ لڳو: "اي ٻانهي! مان تو کي الله تعاليٰ جي رضا جي لاءِ آزاد ڪيان ٿو، توهان هن شراب کي اڇلائي ڇڏيو ۽ ساز ٽوڙي

ڇڏيو." پوءِ ان مون کي ويجهو سڏي چيائين: "منهنجا پاءُ! توهان ڇا چئو ٿا، ڇا الله تعاليٰ منهنجي توبهه قبول ڪندو؟ "مون جواب ۾ (سيپاري 2، سورة البقره جي 222 نمبر) اها آيت پڙهي ( اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَ يُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿۲۲۲﴾)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** بيشڪ الله توبهه ڪندڙن کي گهڻو پسند ڪري ٿو ۽ پاڪائي ڪندڙن کي پسند فرمائي ٿو. (هي ٻڌي ان توبهه ڪري ورتي). (درة الناصحين ،المجلس الخامس والخمسون في فضيلة التو بة ، ص۲۱۶ ـ ۲۱۷)

رہوں مست و بے خود میں تیری وِلا میں    پِلا جام ایسا پِلا یاالٰہی
بنادے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ    گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی
عبادت میں گزرے مری زندگانی    کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ قرآنِ ڪريم ڪيتري قدر شاندار، بي مثل ۽ بي مثال ۽ رشد وهدايت سان مالا مال ڪتاب آهي جو دنيا جي رنگينين ۾ بدمست، گانا باجا ٻُڌڻ جا شيدائي، شراب نوشي جا عادي ۽ گناهن جي گندگي ۾ غرق ٿيل شخص جڏهن ان پاڪيزه ڪلام جي فڪرِ آخرت تي مشتمل مبارڪ آيتون ٻڌيون تہ اهي تاثير جو تير بڻجي ان جي دل کي گهائل ڪيو ۽ ان جي زندگي ۾ حقيقي مدني انقلاب اچي ويو ۽ ان کي توبهه جي توفيق نصيب ٿي وئي. يقينن هي ڪلامِ باري تعاليٰ جو ئي فيضان آهي جو جنهن جي تلاوت ٻڌي دل لرزجي ۽ اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويندا آهن ۽ ائين ڇو نہ ٿئي جو هي الله عَزَّوَجَلَّ جو اهڙو پيارو ۽ سچو ڪلام آهي جنهن کي نازل فرمائڻ

وارو رَبُّ العَالَمِين عَزَّوَجَلَّ آهي تہ آڻڻ وارو رُوحُ الاَمِين يعني حضرت سيدُنا جبريل عَلَيهِ السَّلَام آهن،هي عظيم ڪتاب جنهن تي نازِل ٿيو،اهورَحْمَةٌ لِّلْعَالَمِيْن آهن، جنهن اُمَّت جي لاءِ آيو اها سڀني اُمّتن ۾ بهترين آهي، جنهن زَبان ۾ لٿو اهو عربي مُبين آهي تہ جنهن مهيني ۾ نازل ٿيو اهو تمام مهينن ۾ مُعزَّز ترين آهي، جنهن رات ۾ نازِل ٿيو اها اَفضل ترين آهي تہ جن هنڌن تي لٿو اهي اَعليٰ ترين آهن.

اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم وَحيِ اِلٰهي آهي، قُربِ خُداوَندي جو ذريعو آهي، تمام آسماني ڪتابن جو خلاصو آهي، تمام عُلُوم جو سَر چشمو آهي، هدايت جو مجموعو، رحمتن ۽ برڪتن جو خزينو آهي، اهڙو نُور آهي جنهن سان گمراهي جون تمام اونداهيون ختم ٿي وينديون آهن، اِصلاح ۽ تَربِيت جو اهڙو نِظام آهي تہ جيڪو اِنسان جي ظاهر ۽ باطن کي پاڪ ڪري ان کي مثالي بڻائي ڇڏيندو آهي، اهڙو باوَفا ساٿي آهي، جيڪو قَبر ۾ بہ ساٿ نڀائيندو آهي، نزع ۽ قبر و حشر ۾ بہ وَفا جو حق اَدا ڪندو. ان ۾ بيمار دلين جي لاءِ شفا آهي، جنهن ان کي مضبوطي سان جهليو، اهو هدايت يافتہ ٿي ويو، جنهن ان تي عمل ڪيو اهو دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ماڻي ويو. اچو! هن پاڪيزه ڪلام جون خوبيون ۽ ان جو شان ۽ شوڪت خود ان جي زباني ٻڌون تا جيئن سيپارو 15سوره بني اسرائيل جي آيت نمبر 9 ۾ ارشادِ ربّاني آهي:

اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ
(پ١٥،بني اسرائيل: ٩)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** بيشڪ هِي قُرآن سڀ کان وڌيڪ سِڌي راه ڏيکاري ٿو

www.dawateislami.net

سيپارو 14سُورَه نَحل جي آيت نمبر 89 ۾ ارشاد آهي:

وَنَزَّلۡنَا عَلَيۡكَ الۡكِتٰبَ تِبۡيَانًا لِّكُلِّ شَىۡءٍ وَّ هُدًى وَّ رَحۡمَةً وَّ بُشۡرٰى لِلۡمُسۡلِمِيۡنَ ﴿۸۹﴾ (پ۱۴،نحل: ۸۹)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** ۽ توتي هِي قرآن لاٿو جيڪو هر شيءِ جو روشن بيان آهي ۽ هدايت ۽ رحمت ۽ خُوشخبرِي مسلمانن جي واسطي.

سيپارو 4 سوره اٰلِ عمران جي آيت نمبر 138۾ ارشاد آهي:

هٰذَا بَيَانٌ لِّلنَّاسِ وَ هُدًى وَّ مَوۡعِظَةٌ لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۱۳۸﴾ (پ ۴،آل عمران:۱۳۸)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** هيءُ ماڻهن ڪي بُڌائڻ ۽ واٽ ڏيکارڻ ۽ پرهيزگارن ڪي نِصيحت آهي.

مُفتي احمديار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه آخري آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: قرآن شريف جو عام فيضان تہ عام ماڻهن جي لاءِ آهي يعني هر شيءِ جو واضح بيان، پر خاص فيض خاص ماڻهن جي لاءِ (آهي) يعني هدايت ڏيڻ ۽ راهِ راست (سڌي راهہ) تي لڳائڻ (آهي). (مزيد فرمائن ٿا تہ) قرآنِ ڪريم جو بيان يا هدايت اسان ماڻهن جي لاءِ آهي نہ ڪي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي لاءِ، حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪي پهريان ئي ڪان سڀ ڪجهہ سڪاريو پڙهايو ۽ سمجهايو (ويو) هو ۽ پاڻ سڳورن (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) پهريان کان ئي هدايت تي هئا. (تفسير نعيمي،۴/۲۰۰ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جون روشن مبارڪ آيتون ٻڌڻ کان پوءِ هر عقلمند شخص هي ڳالهہ چڱي نموني سمجهي سگهي ٿو تہ حقيقت ۾

**”قرآن ئي ڪتابِ هدايت آهي“**. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن حقيقت جو واضح ثبوت جهڙي طرح اسان کي قرآني آيتن مان مليو اهڙي طرح احاديثِ مبارڪ جي روشني ۾ به اسان کي اهو ئي خوشبودار مدني گل ملي ٿو ته **”قرآن ئي ڪتابِ هدايت آهي.“** اچو! حصولِ برڪت جي لاءِ هڪ حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا، جيئن

حضرت سَيدُنا علي المرتضيٰ، شيرِخدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهه الْكَرِيم کان روايت آهي ته تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: عنقريب هڪ فتنو برپا ٿيندو. مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ان کان بچڻ جو طريقو ڇا هوندو؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: الله تعاليٰ جو ڪتاب جنهن ۾ توهان کان اڳ وارن ۽ بعد وارن جون خبرون آهن ۽ توهان جا پاڻ ۾ فيصلا آهن، قرآن فيصلو ڪندڙ آهي ۽ هي ڪو مذاق نه آهي. جيڪو ظالم ان کي ڇڏيندو الله تعاليٰ ان کي تباه ڪندو ۽ جيڪو ان جي غير ۾ هدايت ڳولهيندو الله تعاليٰ ان کي گمراه ڪندو، اهو الله تعاليٰ جي مضبوط رَسّي ۽ حڪمت وارو ذڪر آهي، اهو سڌي راه آهي، قرآن اهو آهي جنهن جي برڪت سان خواهشات بگڙجنديون ناهن، ٻيون زبانون گڏجي ان کي مشڪوڪ نه ٿيون بڻائي سگهن، جنهن کان عالم بي نياز ناهن ٿيندا، جيڪو گهڻو دُهرائڻ سان پراڻو ناهي ٿيندو، جنهن جا عجائبات ختم نٿا ٿين، قرآن ئي اهو آهي جو جڏهن ان کي جِنّن ٻڌو ته اهو چوڻ کان بغير نه رهجي سگهيا ته اسان عجيب قرآن ٻڌو آهي جيڪو چڱائي جي رهبري ڪندو آهي، اسان ان تي ايمان آندو، جيڪو قرآن جو قائل هجي اهو سچو آهي، جنهن ان تي عمل ڪيو اهو ثواب ماڻيندو، جيڪو ان جي مطابق فيصلو ڪندو اهو انصاف ڪرڻ وارو هوندو ۽

جيڪو ان ڏانهن سڏيندو تہ بيشڪ اهو سڌي راهہ ڏانهن سڏيو ويو.
(ترمذي، کتاب فضائل القرآن، باب ما جاء في فضل القرآن، ۴/۴۱۴، حديث: ۲۹۱۵)

اِلٰہی خوب دیدے شوق قرآں کی تلاوت کا
شَرَف دے گنبدِ خضرٰی کے سائے میں شہادت کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلّ! پڙهو اوهان تہ قرآنِ ڪريم ڪيتري قدر خوبين سان مالا مال ڪتاب ۽ زندگي گذارڻ جو هڪ مڪمل (Complete) ضابطو آهي. يقينن اهو ڪلامِ باري تعاليٰ جو ئي فيضان آهي جو اڄ بہ هن ڪتاب مان رُشد ۽ هدايت جا اهڙا چشما وهي رهيا آهن جو پنهنجا تہ پنهنجا پر غير بہ ان جي سچائي جا قائل آهن ۽ هر هڪ پنهنجي پنهنجي اعتبار سان ان ۾ غور وفڪر ڪرڻ ۾ مصروف آهي. قرآن ڪتابِ هدايت آهي ان جو واضح ثبوت هي بہ آهي تہ جڏهن هن بي مثال ڪلام جي تجليات معاشري (Society) تي پيون تہ اونداهي اُجالي ۾ بدلجي وئي، هر پاسي هدايت جو نُور ڦهلجي ويو، گناهن ۾ مشغول ماڻهن جڏهن هدايت سان معمور آيتون پڙهيون تہ نورِ قرآن سان انهن جون دليون روشن ٿي ويون، انهن جي سينن ۾ خوفِ خدا بيدار ٿي ويو ۽ اهي نہ رڳو پاڻ پنهنجن گناهن کان توبہ ڪري صلوٰة ۽ سُنّت جي راهہ تي هليا بلڪ مسلمانن جا پيشوا ۽ پتڪيل ماڻهن کي بہ راهہ ڏيکارڻ وارا بڻجي ويا.

اچو! هن باري ۾ بہ (2) ايمان افروز حڪايتون پڙهون ٿا،

## سَيدُنا فُضَيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي توبهِ

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 413 صفحن تي مشتمل ڪتاب **عُيونُ الحڪايات** (حِصّو ٻيو) صفحي نمبر17 تي آهي تہ توبہ کان پهريان حضرت سيدُنا فُضَيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ايترا وڏا ۽ خطرناڪ ڌاڙيل (Dacoit) هئا جو سڄي قافلي کي اڪيلو ئي لٽ ڦر ڪندا هئا. هڪ ڀيري هڪ قافلو سندن علائقي جي ويجهو کان گذريو، انهن کي اتي رات ٿي وئي. پاڻ ڌاڙي هڻڻ جي نِيت سان جڏهن قافلي جي ويجهو پهتا تہ بعض قافلي وارن کي اهو چوندي ٻڌو:

توهان هن وسندي ڏانهن نہ وڃو بلڪ ڪا ٻي راهہ اختيار ڪريو هتي فُضَيل نالي هڪ خطرناڪ ڌاڙيل رهندو آهي. جڏهن پاڻ قافلي وارن جو اهو آواز ٻڌو تہ ڏڪڻي وٺي وئي ۽ وڏي آواز سان چيو: ٻُڌو! مان فُضَيل بن عِياض توهان جي سامهون موجود آهيان، وڃو! بنا ڪنهن خوف ۽ ڊپ جي گذري وڃو، توهان مون کان محفوظ آهيو. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اڄ کان پوءِ مان ڪڏهن بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني نہ ڪندس. ايترو چئي پاڻ اتان کان هليا ويا ۽ پنهنجي تمام پوين گناهن کان توبہ ڪري راهہ حق جي مسافرن ۾ شامل ٿي ويا. هڪ قول هي (بہ) آهي تہ پاڻ ان رات قافلي وارن جي دعوت ڪئي ۽ فرمايائون: توهان فُضَيل بن عِياض کان پنهنجو پاڻ کي محفوظ سمجهو، پوءِ انهن جي جانورن جي لاءِ چارو وغيره وٺڻ جي لاءِ ويا جڏهن واپس موٽيا تہ ڪنهن کي قرآنِ پاڪ جي اها آيتِ مبارڪ تلاوت ڪندي ٻڌو:

اَلَمۡ یَاۡنِ لِلَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ تَخۡشَعَ قُلُوۡبُهُمۡ لِذِكۡرِ اللّٰهِ (پ۲۷،الحديد: ۱۶)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** ڇا ايمان وارن جي واسطي اڃا اهو وقت نہ آيو جو انهن جون دليون جُهڪي وڃن الله جي ياد (جي لاءِ)

قرآنِ ڪريم جي اها آيت تاثير جو تِير بڻجي سندن سِيني ۾ لهي وئي. پاڻ آھ و زاري شروع ڪري ڏني ۽ پنهنجي ڪپڙن تي مِٽي وجهندي چيائون: ها! ڇو نہ! الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هاڻي وقت اچي ويو، هاڻي وقت اچي ويو، پاڻ اهڙي طرح روئيندا رهيا ۽ پوءِ پنهنجي تمام اڳوڻن گناهن کان توبہ ڪئي.

(عيون الحڪايات،۲/۱۷بتغير قليل)

بڑی کوششیں کی گُنہ چھوڑنے کی
رہے آہ! ناکام ہم یا اِلٰہی
مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے
پئے تاجدارِ حرم یا اِلٰہی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سِتار وڄائڻ واري جي توبہ

حضرت سَيدُنا صالح مُري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ ستار( هڪ قسم جو واڄو) وڄائڻ واري هڪ ڇوڪريءَ قرآن جي ڪنهن قارِي وٽان لنگهي جيڪا (سيپارو 21،سُوۡرَہ عَنڪبُوت جي) اها آيتِ مُبارَڪ تِلاوت ڪري رهي هئي:

وَ اِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِیۡطَةٌۢ بِالۡكٰفِرِیۡنَ ﴿۵۴﴾ (پ۲۱،العنڪبوت:۵۴)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** ۽ بيشڪ جهنّم گهيريندڙ آهي ڪافرن کي

**آيتِ مبارڪ** ٻڌندي ئي چوڪريءَ ستار اچلايو هڪ زوردار رڙ ڪئي ۽ بي هوش ٿي زمين تي ڪري پئي، جڏهن هوش آيو تہ ستار ٽوڙي عبادت ۽ رِياضت ۾ اهڙي مشغول ٿي جو عابده ۽ زاهده مشهور ٿي وئي. هڪ ڏينهن مون ان کي چيو تہ پنهنجي پاڻ تي نرمي ڪر! اهو ٻڌي روئيندي چيائين، ڪاش مون کي معلوم ٿي وڃي تہ جهنّمي پنهنجي قبرن مان ڪيئن نڪرندا! پُل صراط ڪيئن پار ڪندا؟ قيامت جي هولناڪين کان ڪيئن نجات ماڻيندا؟ ٽهڪندڙ گرم پاڻي جا ڍڪ ڪيئن پيئندا؟ الله عَزَّوَجَلَّ جي غضب کي ڪيئن برداشت ڪندا؟ ايترو چئي وري بي هوش ٿي ڪري پئي جڏهن هوش ۾ آئي تہ بارگاهہ خُداوندي ۾ ائين عرض گذار ٿي، اي منهنجا موليٰ عَزَّوَجَلَّ! مون جواني ۾ تنهنجي نافرماني ڪئيءَ هاڻي ڪمزوري جي حالت ۾تنهنجي اِطاعت ڪري رهي آهيان، ڇا تون منهنجي عبادت قبول فرمائيندين؟ پوءِ ان درد ڀري دل مان هڪ ٿڌوساهہ کڻي چيائين: هاءِ! سڀاڻي قيامت جي ڏينهن ڪيترن ماڻهن جا عيب کلي ويندا پوءِ ان هڪ رڙ ڪئي ۽ ائين درد ڀري انداز ۾ رُني جو اتي موجود سڀئي ماڻهو بي هوش ٿي ويا. (الروض الفائق،المجلس السابع والعشرون ...الخ، ص۱۴۸)

تیرے ڈر سے سدا تھرتھراؤں خوف سے تیرے آنسو بہاؤں

کیف ایسا دے، ایسی ادا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ قرآنِ ڪريم ڪيتري قدرتاثير ڀريو ڪلام آهي جو جنهن جي تلاوت ٻڌي ماڻهن جون دليون ڏڪي پونديون آهن،

www.dawateislami.net

بدن ڪاندارجي ويندو آهي، ماڻهن کي آخرت جو فڪر نصيب ٿيندو آهي ۽ وڏن وڏن گناهہ گارن کي سچي توبہ جي توفيق ملندي آهي. ٿورو سوچيو تہ جنهن ڪلامِ پاڪ کي ٻڌڻ سان اهي برڪتون ملنديون آهن جو وڏا وڏا مجرم سڌي راهہ تي اچي ويندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جا فرمانبردار ٻڻجي ويندا آهن تہ جيڪي خوش نصيب مسلمان هن پاڪ ڪلام جي تلاوت سان گڏوگڏ ان جي احڪامن تي عمل ڪندا هوندا تن کي ان جون ڪهڙيون نہ برڪتون نصيب ٿينديون .

## مدرسة المدينہ بالغان

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ قُرآنِ پاڪ سکڻ سيکارڻ جي ضَرورت ۽ اَهميت جي پيشِ نَظر قرآنِ پاڪ جي تَعلِيمات کي عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي تَحت وڏي عمر جي (بالغ) اسلامي ڀائرن جي لاءِ عُمُوماً عشاء نماز ڪانپوءِ مُختلف مَسجِدن، مارڪيٽ، بازار، فيڪٽري وغيره ۾ پڙهڻ وارن جي سهولت جو لحاظ رکندي مدرسة المدينہ بالِغان جي تَرڪيب ٿيندي آهي ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ مُختلف هنڌن ۽ وقتن ۾ هزارين مدرسة المدينہ بالِغات جي بہ ترڪيب ٿيندي آهي،اسلامي ڀائر اسلامي ڀائرن کان ۽ اسلامي ڀينرون اسلامي ڀينرن کان پڙهنديون آهن، حُرُوف جي دُرُست اَدائيگي سان قُرآنِ ڪريم سکڻ سان گڏوگڏ مُختلِف دُعائون ياد ڪندا آهن، نماز بابت مَسئلا سکندا ۽ سُنّتن جي مُفت تَعلِيم حاصل ڪندا آهن. اسان کي بہ پنهنجي دُنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي لاءِ مدرسة المدينہ بالِغان ۾ ضَرور شِرڪت ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن اسان دُرست طريقي سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ ڄاڻون ٿا تہ رِضاءِ اِلٰهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي پڙهائڻ شروع ڪري ڇڏيون ۽ جيڪڏهن پڙهڻ نٿو اچي تہ پڙهڻ لاءِ

اچون.

يہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
تِلاوت کرنا میرا کام صبح و شام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رسالو"تلاوت جي فضيلت" جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تلاوتِ قرآن جو ذوق ۽ شوق وڌائڻ ۽ فيضانِ قرآن سان مالا مال ٿيڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رسالو "تلاوت جي فضيلت" جو مطالعو ڪريو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن رسالي ۾ تلاوتِ قرآن ڪرڻ ۽ قرآن سکڻ سيکارڻ جون فضيلتون، تلاوتِ قرآن جا 21، سجده تلاوت جا 14، قرآنِ پاڪ ڪي هٿ لڳائڻ جا 9 ۽ ٻين ڪوڙ دلچسپ مدني گلن ڪي بيان ڪيو ويو آهي تنهنڪري اڄ ئي هن رسالي کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي طلب ڪريو، پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رسالي کي پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download)۽پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مَوْلانا ابُو بلال محمّد الياس عطّارقادِرِي رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه الله عَزَّوَجَلَّ جا مقبول ولي ۽ اُمّتِ مسلمہ جا اهي عظيم انقلابي رهنما ۽ خير خواهہ آهن جيڪي عاملِ قرآن هئڻ سان گڏوگڏ تلاوتِ قرآن جا سچا شيدائي آهن، سندن

تحريريون، سنّتن ڀريا بيان، مدني مذاڪرا، صوتي (Audio) ۽ صُوري (Video) پيغامات وغيره هن جو واضح ثبوت آهي تہ اوهان ڀين مسلمانن کي بہ نيڪ نمازي، عاملِ قرآن ۽ تلاوتِ قرآن جو شيدائي بنائڻ ۾ راتو و ڏينهن مصروفِ عمل آهن،ان ڪري اوهان مدني انعامات جي ذريعي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ ۽ غور وفڪر ڪرڻ جي لاءِ ترجمو ۽ تفسير پڙهڻ جي ترغيب ڏياري آهي. مدني انعام نمبر3 ۾ آهي: **چا اڄ اوهان نمازِ پنجگانہ کان بعد ۽ سمهڻ وقت گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو آيةُ الڪرسي، سُورَةُ الاخلاص ۽ تسبيحِ فاطمہ** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا **پڙهي؟ ۽ رات ۾ سُورَةُ المُلک پڙهي يا ٻڌي ورتي؟** جڏهن تہ مدني انعام نمبر 21 آهي: **چا اڄ اوهان ڪنزالايمان مان گهٽ مان گهٽ ٽي (3) آيتون (گڏ ترجمو ۽ تفسير) تلاوت ڪرڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي؟**

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ مدني انعامات تي عمل ڪندي زندگي گذارڻ جي سعادت نصيب فرمائي.اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

میں بن جاؤں سراپا ”مدنی انعامات“ کی تصویر
بنوں گا نیک یااللہ اگر رحمت تِری ہوگی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”بعدِ فجر مدني حلقو“

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ تلاوتِ قرآن جو خوب ذهن ڏنو ويندو آهي، تنهنڪري تلاوتِ قرآن تي استقامت جي لاءِ اوهان بہ هن مدني

ماحول سان وابستہ رهو ۽ 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ياد رهي! 12 مدني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم فجر کان پوءِ **”مَدَني حلقو“** بہ آهي. جنهن ۾ روزانو 3 آيتن جي تلاوت ۽ ترجَمو ڪنزالايمان ۽ تفسير خزائنُ العرفان يا تفسير نُورالعرفان يا وري تفسير صِرَاطُ الجِنَان، مدني درس (درسِ فيضانِ سُنَّت جو درس)، منظوم شَجره عاليہ قادِريہ رَضَويہ عطاريہ پڙهيو ويندو آهي، ان کان پوءِ اِشراق ۽ چاشت جا نفل اَدا ڪيا ويندا آهن.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ صبح سويري تلاوتِ قرآن ڪرڻ تمام وڏي اَجر ۽ ثواب جو ڪم آهي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: توهان مان ڪير اهو پسند ڪري ٿو تہ هو روزانو صبح جو بُطحان يا عقيق جي وادين ۾ وڃي ۽ ڪو گناهہ ۽ قطعِ رحمي ڪرڻ بغير بہ وڏيون ڪوهان واريون انٽيون وٺي واپس موٽي؟" تہ اسان عرض ڪيو: "يارَسُولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسان مان هر هڪ هي پسند ڪري ٿو. "فرمايائون" پوءِ توهان مان ڪو صبح جي وقت مسجد ۾ ڇو نہ ٿو وڃي ۽ ڪتاب الله جون بہ آيتون سکي يا تلاوت ڪري ٿو جو اهو توهان جي لاءِ 2 اُنٽين کان بهتر آهي ۽ 3 آيتون توهان جي لاءِ 3 اُنٽين کان بهتر آهن ۽ 4 آيتون 4 اُنٽين کان بهتر آهن ۽ جيتريون آيتون سکندو يا پڙهندو اوترين اُنٽين کان بهتر آهن." (مسلم، ڪتاب صلاة المسافرين ،باب فضل قرا ءة القرآن في الصلاة وتعلمه ،حديث: ۱۸۷۳، ص ۳۱۳)

ڪنزالايماں اے خدا میں کاش روزانہ پڑھوں
پڑھ کے تفسیر اس کی پھر اس پر عمل کرتا رہوں

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ فيضانِ قرآن ۽ مَدَني ڪمن جي بَرَڪت سان دعوتِ اسلامي کي اها تَرَقّي ملي جو ڏينهون ڏينهن هزارين ماڻهو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابَستہ ٿيڻ لڳا ۽ انهن جي زِندَگين ۾ مَدَني اِنقِلاب برپا ٿي ويو. اچو! تَرغِيب لاءِ مدني قافلي ۾ سفر جي ذريعي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي مَدَني بَهار پڙهون ٿا،

## بد چاليءَ مان جان ڇُٽي وئي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو پيشِ خدمت آهي: دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان مان گناهن جي انڌيري وادين ۾ ڀٽڪندو وتندو هئس، جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ، چوري ڪرڻ، اجايو رلڻ منهنجي عادت ۾ شامل هو. منهنجي هنن حرڪتن جي ڪري گهر ۽ پاڙي وارا مون کان بيزار هئا. آخرڪار هڪ ڏينهن منهنجي قسمت کلي پئي، ٿيو ائين تہ دعوتِ اسلامي جي هڪ مُبلِّغ اسلامي ڀاءُ سان منهنجي ملاقات ٿي انهن انفرادي ڪوشش ڪندي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، انهن جي انفرادي ڪوشش رنگ لاتو ۽ مون هٿو هٿ 3 ڏينهن جي مدني قافلي جي نيت ڪئي ۽ پنهنجي نيت کي عملي جامو پارائيندي مدني قافلي جو مسافر بہ بڻجي ويس. مدني قافلي ۾ عاشِقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان مون کي فڪرِ آخرت نصيب ٿي. مون سمورن گناهن کان توبہ ڪئي ۽ مني مني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري سنّت ڏاڙهي شريف بہ چهري تي سجائي ورتي ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائڻ جي بہ نيت ڪري ورتي. اهو بيان ڏيڻ وقت مان مدني قافلہ ذِمّہ دار جي حيثيت سان مدني ڪمن

www.dawateislami.net

جون ڏومون مچائڻ ۾ مصروف آهيان.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَجلسِ اَلْمَدِينَةُ الْعِلْمِيَة جو تعارف!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ "دعوتِ اسلامي" خدمتِ دين جي ڪم وبيش 103 شعبن ۾ ڪم ڪري رهي آهي انهن مان هڪ "المدينة العلمية" به آهي جنهن اصلاحِ اُمت جي جذبي جي تحت خالِص عِلمي تحقيقي ۽ اِشاعَتي ڪم جو ذمو کنيو آهي. ان جو 16 شعبن ۾ مختلف انداز سان تحرير ۽ تصنيف جو ڪم جاري آهي مثال طور قرآن ۽ حديث جي اهم معلومات ماڻهن تائين پهچائڻ، عوام جي آساني ۽ فائدي جي لاءِ بزرگانِ دين جي عربي ڪتاب ڪي آسان اردو ترجمي سان گڏ پيش ڪرڻ، درسِ نظامي يعني عالم ڪورس جي شاگردن جي لاءِ درسي ڪتابن جي مشڪلات ڪي حل ڪرڻ، صحابہ واهلِ بيتِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام جي سيرتِ مبارڪ تي ڪتاب ۽ رسالا لکڻ، اعلي حضرت، امامِ اهلسنت مولانا امام احمد رضاخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تصنيفن ڪي عصرِ حاضر جي تقاضن جي مطابق وس آهر آسان فهم انداز ۾ شايع ڪرڻ **المدينة العلميہ** جي تحريري ڪارنامن ۾ شَامل آهي. **المدينة العلميہ** جي انهيءَ ڪوشش جي سارا هه ڪندي شيخ طريقت ،اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه هڪ موقعي تي فرمايو: **پهريان بيان تيار ڪرڻ ڪيتري قدر دشوار هو ان جو مون ڪي**

www.dawateislami.net

**تجربو آهي، هاڻي ته المدينة العلميه پنهنجن ڪتابن ۾ مبلغن ڪي ڪوڙ مواد ڏئي ڇڏيو آهي. اوهان به المدينة العلميه جا تمام ڪتاب پڙهڻ جي نيت ڪري وٺو.“** ان جي علاوه مُلڪ ۽ بيرون ملڪ کان وقتاً فوقتاً ايندڙ عالم سڳورا ۽ مُفتي سڳورا به **المدينة العلميه** جي تحريري ڪم کان خوش ٿي تمام گهڻين دُعائن سان نوازيندا آهن. لهٰذا اسان کي به دين ۽ دنيا جون وڏيک برڪتون ماڻڻ ۽ فيضانِ قرآن سان مالامال ٿيڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ گهرجي.

## علوم و معارف جو نه ختم ٿيندڙ خزانو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ، ان کي ٻڌڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ خير ۽ برڪت جو سبب ۽ نجاتِ آخرت جو سبب آهي پر بدقسمتي سان اڄ مسلمانن وٽ ان جي تلاوت ڪرڻ ان کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي لاءِ وقت نه آهي، بعض ماڻهن کي رمضانُ المبارڪ ۾ اها سعادت نصيب ٿيندي آهي ۽ بعض ته رمضان ۾ به ان جي تلاوت بلڪ ان جي زيارت کان به محروم رهندا آهن. چاڪاڻ ته هاڻي رمضانُ المبارڪ ۾ ”ٽائم پاس“ ڪرڻ جي لاءِ اسان پنهنجو قيمتي وقت هوٽلن، فُضُول ڪچهرين، پارڪن، مَخلُوط تَفريح گاهن کي آباد ڪرڻ، اَخبارات جو مُطَالَعو ڪرڻ، فلمون ڊراما يا موسيقي سان ڀرپور پروگرام ڏسڻ ٻڌڻ، مُلڪي ۽ سِياسِي حالتن ۽ ميچن تي تَبصرا ڪرڻ ۽ ٻڌڻ، موبائل يا ڪمپيوٽر تي گيمز کيڏڻ ۽ سوشَل مِيڊيا (Social Media) جو گناهن ڀريو اِستِعمال ڪرڻ ۾ ضائع ڪندا آهيون. جيڪڏهن اسان پنهنجو قيمتي وقت هنن فُضول مصروفيتن ۾ برباد ڪرڻ جي

بدران روزانو گهٽ مان گهٽ هڪ سيپارو تلاوت ڪرڻ جو معمول بڻايون ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ڪوڙ نيڪيون اسان جي اعمال نامي ۾ لکيون وينديون ۽ جيڪڏهن روزانو 3 آيتون ترجمي ۽ تفسير سان پڙهڻ جو معمول بڻايون ته ان جي برڪت سان معلومات جو وڏو خزانو به هٿ ايندو ڇو ته قرآنِ ڪريم ۾ حلال ۽ حرام جا احڪام، عبرتن ۽ نصيحتن ڀريا قول، انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام ۽ اڳوڻين اُمّتن جا واقعا ۽ احوال ۽ جنت ۽ دوزخ جي حالات سان گڏوگڏ علوم جا اهڙا خزانا موجود آهن جيڪي قيامت تائين به ختم نٿا ٿي سگهن جيئن ته

مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 430 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”عَجَائِبُ القرآن مع غَرَائِبِ القرآن“ ۾ آهي: قرآنِ مجيد جيتوڻيڪ ظاهر ۾ ٽيهه سيپارن جو مجموعو آهي پر ان جو باطن ڪروڙين بلڪ اربين علوم ۽ معارف جو اهڙو خزانو آهي جيڪو ڪڏهن ختم نہ ٿي سگهندو، ڪنهن عارف بالله جو مشهور شعر آهي:

جَمِيْعُ الْعِلْمِ فِي الْقُرْاٰنِ لٰكِنْ تَقَاصَرَ عَنْهُ اَفْهَامُ الرِّجَالِ

يعني تمام علوم قرآن ۾ موجود آهن پر ماڻهن جا عقل انهن کي سمجهڻ کان قاصر ۽ ڪوتاه آهن، قرآن شريف ۾ صرف علوم ۽ معارف جو ئي بيان نہ آهي بلڪ حقيقت اها آهي ته قرآن شريف ۾ سڄي ڪائنات ۽ سڄي عالم جي هر هر شيء جو واضح ۽ روشن تفصيلي بيان آهي، يعني آسمان جي هڪ هڪ تاري، سمنڊ جي هڪ هڪ قطري، سرسبز زمين جي هڪ هڪ پرزي،

www.dawateislami.net

ريگستان جي هڪ هڪ ذري ذري، وڻن جي هڪ هڪ پتي، عرشء ڪرسي جي هڪ هڪ گوشي، عالم ڪائنات جي هڪ هڪ خاني، ماضي جي هر هر واقعي، حال جي هر هر معاملي، مستقبل جي هر هر حادثي بابت قرآن شريف ۾ نهايت وضاحت سان تفصيلي بيان آهي جيئن الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

مَا فَرَّطْنَا فِي الْكِتٰبِ مِنْ شَيْءٍ (پ 7 الانعام: 38)

**ترجموڪنزالايمان:** اسان هن ڪتاب ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ڇڏي آهي.

قرآنِ مجيد تہ عُلُوم ۽ مَعارف جو اهو خزانو آهي جيڪو ڪڏهن ختم نہ ٿي سگهندو، بلڪ قيامت تائين علماءِ ڪرام تمام وڏي سمنڊ کان هميشہ عجيب وغريب مضمونن جا موتي ڪيندا رهندا ۽ هزارين ڪتابن جا دفتر تيار ٿيندا رهندا. (عجائب القرآن،ص419, 420,ملتقطاً)

هر روز میں قرآن پڑھوں کاش! خدایا
اللہ! تِلاوت میں مِرے دِل کو لگا دے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صدقي جي فضيلتن تي مشتمل روايتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! احاديثِ مُبارڪ ۾ بہ ڪيئي هنڌن تي صَدَقي ۽ خَيرات جون ترغيبون ۽ فضيلتون بيان ڪيون ويون آهن. اچو! ترغيب جي لاءِ هن باري ۾ 5 مبارڪ حديثون ٻڌون ٿا:

1. رَبّ عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: اي ابنِ آدم! پنهنجي خزاني مان مون وٽ ڪجهه مال گَڏ ڪري ڇڏ، نہ سڙندو، نہ ٻُڏندو، نہ چوري ٿيندو. مان اُن وقت تو کي پورو بدلو ڏيندس، جڏهن تون ان جو وڏيڪ ضرورت مند هوندين. (شعب الإيمان، باب في الزكاة، التحريض على صدقة التطوع، ٣/٢١١، حديث: ٣٣٤٢)

2. بَاكِرُوْابِالصَّدَقَةِ فَاِنَّ الْبَلَآءَ لَا يَتَخَطَّى الصَّدَقَةَ يعني صبح جو آغاز صَدَقي سان ڪيو ، ڇو تہ مُصيبت صَدَقي جي آڏو قدم ناهي وڌائيندي. (شعب الايمان، باب الزكاة،التحريض على صدقة التطوع ، ٣/٢١٤،حديث:٣٣٥٣)

3. اِنَّ صَدَقَةَالْمُسْلِمِ تَزِيْدُ فِي الْعُمُرِ وَتَمْنَعُ مِيْتَةَ السُّوْءِ وَيُذْهِبُ اللهُ الْكِبْرَ وَالْفَخْرَ يعني بيشڪ مسلمان جو صَدَقو عُمر کي وڌائيندو۽ بُري مَوت کي پري ڪندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ (ان جي برڪت سان صَدَقو ڏيڻ واري سان) تَڪبُّر ۽ تَفَاخُر (وڏائي ۽ فخر ڪرڻ جي بُري عادت) کي پري ڪري ڇڏيندو آهي. (مجمع الزوائد ،كتاب الزكاة، باب فضل الصدقه، ٣/٢٨٤،حديث: ٤٦٠٩)

4. اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ عَنْ اَهْلِهَا حَرَّ الْقُبُوْرِ وَاِنَّمَا يَسْتَظِلُّ الْمُؤْمِنُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِي ظِلِّ صَدَقَتِهٖ يعني بيشڪ صَدَقو ڪرڻ وارن کي صَدَقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي ۽ بيشڪ مسلمان، قيامت جي ڏينهن پنهنجي صَدَقي جي ڇانو ۾ هوندو. (شعب الايمان، باب الزكاة، التحريض على صدقة التطوع،٣/٢١٢، حديث: ٣٣٤٧)

5. اِنَّها حِجَابٌ مِّنَ النَّارِ لِمَنِ احْتَسَبَها يَبْتَغِي بِها وَجْه الله، جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي خاطِر صَدَقو ڪري، تہ اهو صَدَقو ان جي ۽ دوزخ جي وچ ۾ رُڪاوٽ بڻجي ويندو آهي. (مجمع الزوائد،كتاب الزكاة، باب فضل الصدقة،٣/ ٢٨٦، حديث: ٤٦١٧)

اوهان ڏٺو تہ صَدَقو، مصيبت ۽ بَلا کي روڪيندو آهي، صَدَقو عمر کي وڌائيندو آهي، صَدَقو بُري موت کي پري ڪندو آهي،صَدَقو تڪبُّر کي پري ڪندو آهي، صَدَقو فخر کي پري ڪندو آهي، صَدَقو قبر جي گرمي ختم ڪندو آهي،صَدَقوقِيامت جي ڏينهن ڇانو ڏيندو،صَدَقو دوزخ جي عذاب کان بچائيندو.

دے نَزع و قبر و حشر میں ہر جا اَمان اور
دوزخ کی آگ سے بچا یا ربِّ مُصطفٰے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي تحت هلڻ وارا هزارين مدارِسُ المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ دِيني فضليت جي لحاظ سان وڏي اهميت جا حامل آهن، اهو ئي سبب آهي جو انهن مدارِسُ المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ کي قائم رکڻ جي لاءِ اِنهن جي مختلف اَخراجات جي مَد ۾ سالانو ڪروڙين روپيا خرچ ڪيا ويندا آهن،تنهنڪري اوهان سان بہ عرض آهي تہ علمِ دين جي طلبہ جي دُعائن مان حِصّو پائڻ، دعوتِ اسلامي جي ترقّي ۽ بقا ۽ مدارِس المدينہ ۽ جامعات المدينہ جي نظام کي مضبوط کان مضبوط تَر بڻائڻ جي لاءِزڪوٰة، فطرات، صَدَقات و خَيرات، نفلي عطيات ۽ عُشر وغيره جي ذريعي نہ صرف پاڻ تعاوُن ڪيو بلڪ پنهنجي عزيزن، پاڙيسرين ۽ دوست اَحباب تي انفرادي ڪوشش ڪري اُنهن کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو، اسان جي زبان چَورڻ ۽ اسان جي اِنفرادي ڪوشش سان جيڪڏهن ڪنهن جو مدني ذهن بڻجي ويو ۽ اُن پنهنجي زڪوة، فطرات، صَدَقات و خَيرات، نفلي عطيات يا عُشر وغيره دعوتِ اسلامي کي مدني ڪمن جي لاءِ ڏنا تہ هي اسان جي لاءِ بہ ثوابِ جاريہ جو ذريعو بڻجي ويندو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سَيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھا جو مختصر تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رَمَضَانُ المُبارَڪ جو عشره مغفرت جاري آهي ۽ ان جي 17 تاريخ تي اُمُّ الْمُؤمِنِين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھا جو يومِ وصال آهي. اچو! انهيءَ مناسبت سان اوهان جو مختصر تعارف ٻڌون ٿا، جيئن

اُمُّ الْمُؤمِنِين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھا اَميرُ المُؤمنين حضرت سيدُنا ابو بڪر صِدِّيق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي نياڻي آهي، سندن ولادت بعثتِ نبوي جي چوٿين سال ٿي، سندن والده جو نالو ”اُمِّ رُومان“ آهي، انهن جو نِڪاح حُضورِ اَنور، شافعِ محشر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان هجرت کان پهريان مڪ مڪرَّمہ ۾ ٿيو هو، پر ڪاشانهءِ نُبُوَّت ۾ هي مدينہ منوَّره ۾ شوّال ٢ ھ ۾ آيون. اوهان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھا حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حبيبہ ۽ تمام گهڻي لاڏلي گهرواري هيون. (فيضانِ عائشه صديقه،ص١٥)

پاڻ صديقہ طيبہ، طاهره، زاهده، عابده، تهجّد گذار، روزن جي پابند، صدقو ۽ خيرات ۽ ايثار ڪرڻ واريون هيون. هڪ ڀيرو سيده عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھا 70 هزار درهم راهِ خدا ۾ صدقو ڪيا، جڏهن تہ سندن قميص (چولي) جي مبارڪ دامن ۾ چتي لڳل هئي. (مدارج النبوت،ج٢،ص٤٧٣)

اُمَّت کي تَيمُّم جي آساني اوهان ئي جي صدقي ۾ ملي، نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو وِصال اوهان جي سيني تي ٿيو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو

www.dawateislami.net

روضو مبارڪ اوهان جو حُجرو شريف آهي، حضورِ انورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وفات جي وقت سندن عمر شريف 18 سال هئي. پاڻ تمام ماڻهن کان وڌيڪ فَقِيهه، عالِمه، مُحَدِّثَه، مُفَسِّرَه، مُفتِيه ۽ سني راءِ رکڻ واريون هيون. 17رمضان المبارڪ آڱاري جي رات 57 يا 58 هجري مدينہ منوّره ۾ اوهان جو وِصالِ ظاهري ٿيو، حضرت سَيدُنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ اوهان جي نمازِ جنازه پڙهائي ۽ جنت البقيع ۾ اوهان جي تدفين ڪئي وئي.

کیوں نہ ہو رُتبہ تمہارا اہلِ ایماں میں بڑا  سب تو ہیں مومن مگر ہیں آپ اُمُّ الْمُؤمنین
آپ کا عِلْم و فِقہ تحقیقِ قرآن و حدیث  دیکھ کر حیراں ہیں سارے صحابہ تابعین

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اوهان جي سِيرت جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 608 صفحن تي مشتمل انمول ڪتاب ”فيضانِ عائشہ صِدّيقہ“ جو مُطالعو فرمايو. هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ تان هديو ڏئي طَلَب فرمَائي پاڻ بہ مُطالَعو ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن بالخصوص پنهنجي گهر جي اسلامي ڀينرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. هن ڪتاب کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان پڙهي بہ سگهجي ٿو ۽ ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني انعامات جو مهينو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رمضان المبارڪ جي مهيني کي مدني انعامات جو مهينو ملهايو ويو وڃي: فرمانِ امير اهلسنّت:(29شعبان المعظم 1438 کان رمضان المبارڪ تائين) مدني انعامات جو مهينو ملهايو وڃي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. اوهان به مدني انعامات جو مهينو ملهائڻ جي نيت ڪري وٺو ۽ پنهنجي لاءِ مدني انعامات جا 12 مهينن جا 12 رِسالا خريد ڪري وٺو ۽ هر مهيني مدني انعامات جي رِسالي جا خانا ڀري مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي علائقي جي مدني انعامات جي ذمه دار کي جمع ڪرايو.

**دُعاءِ عطّار:** ياالله عَزَّوَجَلَّ جيڪوسچي دل سان مدني انعامات تي عمل ڪري، روزانو فڪرِ مدينه جي ذريعي رِسالو پُر ڪري ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذمه دار کي جمع ڪرائي ڇڏيندو ڪري، ان کي ان کان پهريان موت نه ڏئي جيستائين هو ڪلمو نه پڙهي وٺي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277،)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱)

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(1)

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net